مَدَنِي مَرکز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجِد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 24 جولاءِ، 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ، 9 صفر شريف، 1448ھ) جي جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

عمل ئي ڪم اڇٽو آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندا...

- بني اسرائيل جو شفاعت جو عقيدو.
- شفاعت جو عقيدو رکو پر...
- اعليٰ حضرت جي عظيم الشان تقويٰ.
- عمل جي لاءِ سندرو ٻڌي ڇڏيو!

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

درود شريف جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

يَا اَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ اَنْجَاكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ اَهْوَالِهَا وَمَوَاطِنِهَا اَكْثَرُكُمْ عَلَيَّ صَلَاةً فِيْ دَارِ الدُّنْيَا-

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب ڪان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو، جنهن دنيا ۾ رهي ڪري توهان مان سڀ ڪان وڌيڪ مون تي درود شريف پڙهيو هوندو. (1)

مومنو! آپ (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پر پڑھے جاؤ | با ادب اور با وقار درود

1...مسند الفردوس، جلد:5، صفحہ:277، حدیث:8175۔

بھاری مرہم ہے دل فگاروں کو | راحتِ جانِ بے قرار درود
نزع میں، گور میں، قیامت میں | ہر جگہ یارِ غمگسار درود

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰہُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰی فِی الْقُرْاٰنِ الْكَرِیْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ اتَّقُوْا یَوْمًا لَّا تَجْزِیْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَیْــٴًـا وَّ لَا یُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّ لَا یُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّ لَا هُمْ یُنْصَرُوْنَ ﴿۴۸﴾

صَدَقَ اللّٰہُ الْعَظِیْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُہُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم

ترجموڪنزالعرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڈجو جنهن ڏينهن ڪا به جان ڪنهن بي جي طرف کان بدلو نه ڏيندي ۽ نه ڪا سفارش مڃي ويندي ۽ نه ان کان ڪو معاوضو ورتو ويندو ۽ نه انهن جي مدد ڪئي ويندي.

(پاره: 1، البقره: 48)

آيت سڳوريءَ جي مختصر وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سوره بقره جي آيت نمبر 48 بڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هن آيت سڳوري ۾ بنيادي طور تي قيامت سان لاڳاپيل ڪجهه غلط نظرين جي ڪاٽ ڪئي وئي آهي. بني اسرائيل جيڪي تورات شريف تي ايمان جي دعويٰ ڪندا هئا، اهي پڪي يقين سان ڄاڻندا هئا ته رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سچا نبي آهن ۽ اسلام سچو دين آهي، ان جي باوجود اهي ماڻهو ڪلمو نه پڙهندا هئا ۽ ايمان قبول نه ڪندا هئا. ان جو هڪ بنيادي سبب انهن جا قيامت جي متعلق غلط نظريا هئا. تنهنڪري انهن جي

غلط نظرين جي تردید ڪري ڪين ايمان جي دعوت ڏني وئي. ارشاد ٿيو:

وَاتَّقُوْا يَوْمًا

ترجمو: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو.

(پاره: 1، البقره: 48)

ڪهڙو ڏينهن؟

لَّا تَجْزِیْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَیْـًٔا

ترجمو: ڪا به جان ڪنهن بي جي طرف کان بدلو نه ڏيندي.

اهو قيامت جو ڏينهن آهي. ان ڏينهن جو دستور چا هوندو؟ ڪو به ساهوارو ڪنهن بئي جو بدلو نه ٻڌجي سگهندو. يعني ائين نه ٿيندو ته مثال طور پيءُ غير مسلم آهي ۽ سندس پٽ مسلمان آهي، ته ائين چيو وجي ته غير مسلم کي جنت ۾ موڪليو وجي ۽ ان جي جاءِ تي ان جي مسلمان پٽ کي جهنم ۾ موڪليو وجي.

وَّلَا یُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ

ترجمو: ۽ نه ئي کا سفارش مڃي ويندي.

يعني ڪنهن غير مسلم جي حق ۾ شفاعت قبول نه ڪئي ويندي. قبول ٿيڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر ڪو غير مسلمن جي شفاعت ڪرڻ وارو ئي نه هوندو.

وَّلَا یُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ یُنْصَرُوْنَ ﴿۴۸﴾

ترجمو: ۽ نه ئي ان کان ڪو معاوضو ورتو ويندو ۽ نه انهن جي مدد ڪئي ويندي.

يعني نه ئي ائين ٿيندو ته ڪنهن جي ڏوهه جي بدلي فديو (رقم) قبول ڪيو وجي ۽ ڪيس عذاب کان ڇوٽڪارو ملي وجي، ۽ نه ئي ڪو

مسلمان ڪنهن غير مسلم جي مدد ڪري سگهندو.

ائين سمجهو تہ مدد جون 4 صورتون ٿيندیون آهن: (1) مدد ڪرڻ وارو پنهنجي ساٿيءَ کي طاقت جي زور تي آزاد ڪرائي، ان کي **نُصرَت** چئبو آهي. (2) مدد ڪرڻ وارو سفارش ڪري پنهنجي ساٿيءَ کي بچائي، ان کي **شفاعت** چئبو آهي. (3) مدد ڪرڻ وارو مجرم جي ذمي واجب حق ادا ڪري کيس بچائي ونې، ان کي **جزا** چئبو آهي. (4) مدد ڪرڻ وارو ڏنڊ يا جرمانو ادا ڪري بچائي ونې، ان کي **بدلو** ڏيڻ چئبو آهي. انهن چئني قسمن جي مدد جي تردید ڪئي وئي [1] ۽ فرمايو ويو تہ قيامت واري ڏينهن نہ ڪو انهن غير مسلمن کي طاقت سان ڇڏائي سگهندو، نہ ڪو انهن جي شفاعت ڪندو، نہ انهن جي ذمي حق ادا ڪري سگهندو ۽ نہ ئي انهن جي بدلي جرمانو قبول ڪيو ويندو. جڏهن تہ قيامت جي ميدان ۾ غير مسلم جي ڪنهن بہ قسم جي مدد نہ ڪئي ويندي، تنهنڪري گهرجي تہ اڄ ئي ان ڏينهن کان ڊجو! ۽ ان جي تياري ڪريو! ايمان قبول ڪريو! محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهي انهن جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي وجو! اها ئي نجات جي هڪڙي راهہ آهي.

وہ کہ اُس دَر کا ہوا، خلقِ خدا اُس کی ہوئی

وہ کہ اُس دَر سے پھرا، اللہ اُس سے پھر گیا [2]

وضاحت: جيڪو حضور نبي آخرالزمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درِ پاڪ جو غلام بڻجي ويو، ساري خدائي ان جي تابع ٿي وئي، ۽ جيڪو پاڻ

1...تفسیر روح البیان، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:48، جلد:1، صفحہ:129 خلاصۃً۔

2...حدائقِ بخشش، صفحہ:53۔

سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي در تان منهن موڙي ويو، اهو ربّ ڪريم جي بارگاهه مان بہ تڙجي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

شفاعت جو عقيدو □ق آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪڙي ڳالهه چگي طرح ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! شفاعت جو عقيدو حق آهي. قيامت جي ڏينهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفاعت فرمائيندا ۽ پاڻ سڳورن جي صدقي ۾ سڀ نبي، ولي، نيڪ ماڻهو، ايتريقدر جو حافظ، حاجي وغيره بہ شفاعت فرمائي گنهگارن کي بخشرائيندا. قرآنِ ڪريم جي ڪيترن ئي آيتن ۽ حديثن مان هي عقيدو ثابت آهي.

A حضرت حرب بن سُرَيج رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي مان امام زين العابدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صاحبزادي امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو: اي پيارا امام! عراق وارا چون ٿا تہ قيامت جي ڏينهن پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفاعت فرمائيندا، چا اها شفاعت حق آهي؟ **A** حضرت امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪي اهلِ بيتِ پاڪ جي اڪين جا تارا آهن، پاڻ فرمايائون: **خدا جو قسم! شفاعت حق آهي.** مونکي حضرت محمد بن حنفيہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديث بيان ڪئي، ان مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان حديث شريف ٻڌي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندو ويندس، ڪندو ويندس، ايستائين جو منهنجو ربّ مون کي فرمائيندو: اَرَضِيْتَ يَا مُحَمَّدُ؟ يعني اي پيارا محبوب! چا توهان راضي ٿي ويا؟ مان عرض ڪندس: رَبِّ! رَضِيْتُ اي

منهنجا پاڪ ربّ! مان راضي آهيان. [1]

حضرت حرب بن سريج رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اها حديث شريف بڌائڻ کانپوءِ فرمايو: اي اهلِ عراق! توهان چا ٿا سمجهو ته قرآن ڪريم ۾ سڀ کان وڌيڪ اميد ڏيارينڌڙ آيت هي آهي؟

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: الله جي رحمت کان مايوس نه ٿجو.

(پاره: 24، الزمر: 53)

مون عرض ڪيو: جي ها! اسان جي خيال ۾ ته اها ئي آيت وڌيڪ اميد ڏيارينڌڙ آهي (جنهن ۾ الله پاڪ سيني گنهگارن کي فرمايو آهي ته الله جي رحمت مان مايوس نه ٿيو، بيشڪ الله سڀ گناهه بخشي ڇڏي ٿو). امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: **پر اسان سيني اهلِ بيتِ پاڪ جو متفقه فيصلو آهي ته قرآنِ ڪريم ۾ سڀ کان وڌيڪ اميد ڏيارينڌڙ آيت هي آهي:** [2]

وَ لَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ؕ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي جو تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

(پاره: 30، الضحى: 5)

مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائي ٿو: جڏهن هي آيتِ سڳوري نازل ٿي ته پياري نبي، سچي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذًا لَا اَرْضٰى وَوَاحِدٌ مِنْ اُمَّتِيْ فِي النَّار يعني (جڏهن اهو واعدو آهي ته ربّ ڪريم مون کي راضي فرمائيندو) ته الله پاڪ جو قسم!

1...مسند بزار، جلد:2، صفحه:239، 240، حديث:638۔

2 حلية الاولیا،رقم:224، جلد:3، صفحه:209، 210، حديث:3725۔

پوءِ جيستائين منهنجو هڪ به امتي جهنم ۾ هوندو، مان راضي نه ٿيندس.[1]

سيپارو: 15، سوره بني اسرائيل، آيت: 79 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

عَسٰۤى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿۷۹﴾

ترجموڪنزالعرفان: قريب آهي ته توکي تنهنجو رب اهڙي جاءِ تي بيهاريندو جتي سمورا تنهنجي تعريف ڪن.

(پاره: 15، بني اسرائيل: 79)

حديثِ پاڪ ۾ آهي ته رسولِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو: يارسول الله! مقامِ محمود ڇا آهي؟ فرمايائون: هُوَالشَّفَاعَةُ اها شفاعت آهي.(2)

هڪ بي حديث ۾ آهي ته شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي شفاعت قيامت جي ڏينهن حق آهي، جيڪو ان تي ايمان نه آڻيندو اهو ان جو حقدار نه هوندو.(3)

آج لے اُن کی پناہ، آج مدد مانگ اُن سے
کل نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا(4)

بني اسرائيل جو شفاعت جو عقيدو

هاڻي سوال اهو آهي ته جڏهن آيتن ۽ حديثن مان ثابت آهي ته قيامت ۾ شفاعت ٿيندي ۽ قبول به ٿيندي، ته پوءِ هي ڇو فرمايو ويو:

---

1 تفسير كبير، پاره:30، سورۂ ضحیٰ، زيرِآيت:4، جلد:11، صفحه:194۔

2...ترمذی، كتاب تفسير القرآن، باب ومن سورة بنی اسرائيل، صفحه:724، حديث:3137۔

3... جامع صغير،صفحه:301، حديث:4896۔

4... حدائقِ بخشش، صفحه:56۔

لَّا تَجْزِیْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَیْـٴًـا وَّ لَا یُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ

(پاره:1، البقرة:48)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪا به جان ڪنهن بي جي طرف کان بدلو نه ڏيندي ۽ نه ڪا سفارش مڃي ويندي.

ان سوال جو جواب هي آهي ته اصل ۾ هن جڳهه تي بني اسرائيل جي شفاعت واري غلط نظريي جي تردید ڪئي پئي وڃي. بني اسرائيل جو نظريو ڇا هو؟ هو شفاعت کي ڇا سمجهندا هئا؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَیَّامًا مَّعْدُوْدَةً

ترجموڪنز العرفان: ۽ چيائون: اسان کي ته باھ هرگز نه ڇُهندي پر ڳڻپ جا ڪجهه ڏينهن.

(پاره: 1، البقره: 80)

يعني بني اسرائيل جو اهو مڃڻ هو ته اسان ڪجهه به ڪريون ۞ اسان ڪلمو پڙهون يا نه پڙهون ۞ اسان الله جي حڪمن تي عمل ڪريون يا نه ڪريون ۞ ڇاهي اسان نبين کي شهيد ڪري ڇڏيون ۞ ڇاهي تورات شريف کي بدلي ڇڏيون ۞ ربّ جي ڪلام ۾ پنهنجي طرفان ڳالهيون شامل ڪريون ۞ دنيا ۾ عيش ڪريون، موج مستي ڪريون، پر اسان جا بزرگ جن جو اسان اولاد آهيون، اهي شفاعت ڪري اسان کي جهنم مان آزاد ڪرائي ونندا، تنهنڪري اسان کي جهنم ۾ صرف چند ڏينهن ئي رهڻو پوندو. ڇڙ ته اهي سمجهي رهيا هئا ته جنت اسان جي ٺيڪيداري آهي. تنهنڪري انهن جي ان نظريي کي رد ڪيو ويو ۽ فرمايو ويو:

لَّا تَجْزِیْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَیْـٴًـا وَّ لَا یُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪا به جان

ڪنهن ٻي جي طرف ڪان بدلو نہ ڏيندي ۽ نہ ڪا سفارش مڃي ويندي. يعني ائين ناهي تہ ۞ توهان چاهي ڪجهہ ٻہ ڪندا رهو! ۞ ڪلمو ٻہ نہ پڙهو! ۞ ايمان ٻہ قبول نہ ڪريو! ۞ نبين جي گستاخي ڪري مرتد ٻہ ٿي وڃو! ۞ ربّ جي ڪلام توريت شريف جي گستاخي ٻہ ڪريو، پوءِ ٻہ توهان جي شفاعت ٿي ويندي؟ نہ، هرگز ائين نہ ٿيندو! بلڪ توهان کي اڄ هن دنيا جي زندگي ۾ پاڻ کي جنت جو حقدار بڻائڻو پوندو.

شفاعت جو عقيدو رکو پر...

معلوم ٿيو تہ اسان ڪنهن جي آسري ۾ نٿا رهي سگهون، نہ ائين ٿي سگهي ٿو تہ شفاعت جي اميد تي نيڪ عمل ڇڏي ڏيون ۽ نہ ئي اها ڳالهہ درست آهي تہ عملن جي پروسي تي شفاعت جو انڪار ڪري ويهون. اسان کي شفاعت تي يقين ٻہ رکڻو آهي ۽ گڏوگڏ نيڪ عمل ٻہ ڪرڻا آهن. ڏسو! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم، جيڪي سيني امتن ۾ اعليٰ رتبي وارا آهن، اهي اسان لاءِ عملي معيار آهن؛ هي بلند مرتبي واريون شخصيتون شفاعت تي يقين ٻہ رکندا هئا ۽ ان سان گڏوگڏ نيڪ عملن ۾ ٻہ مشغول رهندا هئا.

هڪ پيري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي شفاعت جو ذڪر فرمايو تہ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! دعا فرمايو تہ اسان کي ٻہ شفاعت نصيب ٿئي. حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُمْ مِنْ اَهْلِهَا(اي مالڪ ڪريم! انهن کي شفاعت جو حقدار بڻاءِ). ڪجهہ دير کان پوءِ وڌيڪ صحابہ ڪرام عليهم الرضوان حاضر ٿيا، جڏهن اڳي موجود صحابن کين اها ڳالهہ ٻڌائي تہ انهن ٻہ عرض ڪيو: يا رسول

الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان لاءِ بہ دعا فرمايو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري دعا فرمائي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُمْ مِنْ اَهْلِهَا (اي مالڪ ڪريم! انهن کي بہ شفاعت جو حقدار بڻاءِ). پوءِ فرمايائون: مان توهان کي گواهہ ڪري چوان ٿو تہ جيڪو بہ شرڪ (ءِ ڪفر) کان پاڪ رهي هن دنيا مان ويندو، منهنجي شفاعت انهن سيني لاءِ آهي. (1)

شَفاعت حشر میں فرماؤ گے جب خوش نصیبوں کی
مجھے کر لینا آقا اُن میں شامل یارسولَ اللہ! (2)

هي صحابہ ڪرام جو شفاعت بابت عقيدو آهي. هاڻي انهن جو عمل ڏسو! ۞ اهي بلند شان وارا سڄي سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۞ نفل نمازون پڙهندا هئا ۞ نفل روزا رکندا هئا ۞ علمِ دين سکڻ سيکارڻ لاءِ وقف ٿي ويندا هئا ۞ ڏورانهن علائقن ۾ وڃي نيڪي جي دعوت عام ڪندا هئا ۞ خوفِ خدا مان ڳوڙها وهائيندا هئا ۞ قرآن جي آيتن تي ڏکي ويندا هئا.

حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو خوفِ خدا مشهور آهي، روئي روئي سندن ڳلن تي نشان پئجي ويا هئا. سندن مشهور فرمان آهي: حَاسِبُوْا قَبْلَ اَنْ تُحَاسَبُوْا پنهنجو حساب پاڻ ڪريو ان کان اڳ جو توهان جو حساب ورتو وڃي. (3)

ڏسو! هڪ طرف صحابہ ڪرام جو شفاعت تي پڪو ايمان آهي تہ بي طرف انهن جو عمل ڪيڏو سهڻو آهي.

اهڙي طرح اهلِ بيت پاڪ جو بہ اهو ئي حال هو. امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

1...مصنف ابن شيبة، كتاب الجامع، باب من يخرج من النار، جلد:10، صفحہ:244، حديث:21029 خلاصةً۔

2...وسائلِ بخشش، صفحہ:336۔

3...تفسير روح البيان، پارہ:15، سورۂ اسراء، زيرِ آيت:14، جلد:5، صفحہ:141۔

فرمائن ٿا تہ سيني اهلِ بيت جو متفقہ فيصلو آهي تہ قرآن جي سڀ کان وڌيڪ اميد واري آيت هي آهي (1)

وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ۝

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ بيشڪ ويجهو آهي جو تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين.

(پاره: 30، الضحى: 5)

ڇو؟ ان ڪري جو ان ۾ شفاعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيان آهي. ٻئي طرف اهلِ بيتِ پاڪ جو عملِ مبارڪ ڏسو! حضرت امام جعفر صادق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ننڍڙا شهزادا هئا، تقريبن چار سالن جي عمر مبارڪ هئي، گهٽيءَ ۾ بينا روئي رهيا هئا. ڪنهن عاشق ڏٺو، ڊوڙندو حاضر ٿيو ۽ پڇيائين: اي شهزادا! ڇا معاملو آهي؟ فرمايائون: جهنم جو خوف روئاري رهيو آهي. عرض ڪيائين: شهزادا! توهان تہ اڃا ننڍڙا ٻار آهيو، توهان تہ گناهن کان بلڪل پاڪ آهيو. فرمايائون: ها! پر مون ڏٺو آهي تہ جڏهن امڙ سائڻ باهہ ۾ باريندي آهي تہ پهرين سنهين سنهين ڪاڻين کي باهہ ۾ وجهندي آهي، جڏهن باهہ ۾ پوندي آهي تڏهن ٽلهيون ڪاڻيون وجهندي آهي. مون کي ڊپ آهي تہ ڪٽي اهڙي نموني مون کي بہ (پهريان) جهنم ۾ نہ وڌو وجي. (2)

حضرت دائود طائي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه، جيڪي تمام وڏا ولي الله هئا، هڪ ڏينهن پاڻ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: سائين! مون کي ڪا نصيحت فرمايو! فرمايائون: اي ابوسليمان (دائود طائي)! مان تہ پاڻ خوفزده آهيان، جيڪڏهن قيامت

1...حلية الاولیا، رقم:224، جلد:3، صفحہ:209، 210، حدیث:3725۔

2...نیکی کی دعوت، صفحہ:585و 586 خلاصۃً۔

جي ڏينهن منهنجي نانيِ سائين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇي ورتو تہ اي جعفر! منهنجي پيرويءَ جو حق ڇو نہ ادا ڪيو؟ تہ مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ اهو ٻڌي حضرت دائود طائي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه چيو: جڏهن پياري نبيءَ جو اولاد ئي ايترو خوفزده آهي تہ مان ڪهڙي حساب ڪتاب ۾ آهيان، مان ڪيئن پنهنجن عملن تي پروسو ڪري سگهان ٿو! (1)

اللہ اکبر! اهو اهلِ بيت جو عقيدو آهي تہ اهي سڀ متفقہ طور تي شفاعت تي يقين رکن ٿا، ۽ هي اهلِ بيت جو عمل مبارڪ آهي تہ هو هر وقت (خدا کان) خوفزده رهندا آهن.

۞ امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شفاعت تي يقين رکندا هئا، پر سندن عمل ڪيئن هئا؟ سڄي سڄي رات نفلَ پڙهندا هئا، هڪ ئي رڪعت ۾ پورو قرآن ڪريم ختم فرمائيندا هئا ۽ سڄي سڄي رات خوفِ خدا ۾ روئندا رهندا هئا. (2)

۞ اهڙي طرح غوثِ پاڪ، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شفاعت تي يقين رکندا هئا، تنهن هوندي بہ 40 سالن تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا ڪيائون ۽ سالن جا سال ٻيلن ۾ مجاهدا فرمايائون. (3) ۞ حضرت خواجہ اجميري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شفاعت تي يقين بہ رکندا هئا ۽ ان سان گڏ سڄي سڄي رات عبادت بہ ڪندا هئا. ۞ بلڪ پري ڇو وڃجي، اسان جي هن خطي برصغير ۾ عقيدهءِ شفاعت جو تمام گهڻي پرچار ڪندڙ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن. پاڻ اهڙي منڙي انداز سان عقيدهءِ شفاعت بيان ڪيو

1...كشف المحجوب، باب الثامن فی ذكر ...الخ، باب صفوة ابو محمد جعفر بن محمد بن على ...الخ، صفحه:104۔

2...تاريخ بغداد، رقم:7297، النعمان بن ثابت، ما ذكر من عبادة ابى حنيفة و ورعه، جلد:13، صفحه:353۔

3...بهجة الاسرار، ذكر طريقه رضى الله عنه، صفحه:164 و165 ملتقطًا خلاصةً۔

آهي جو ان جو مثال نڏو ملي، پاڻ فرمائن ٿا:

ڪيا ہی ذَوْق اَفْزا شَفَاعت ہے تمہاری واہ واہ
قرض لیتی ہے گُنہ پرہیزگاری واہ واہ(1)

وضاحت: يعني اي الله جا رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان قيامت جي ڏينهن اهڙي ڪمال انداز سان شفاعت فرمائيندؤ جو جن وٽ گناهه نه هوندا، اهي به تمنا ڪندا ته ڪاش! ڪٽان اڏارا گناهه ملي وڃن ها ته جيئن اسان کي به (توهان جي) شفاعت نصيب ٿئي ها ۽ اسان به ان سعادت جو لطف ماڻيندڙ بڻجي وڃون ها.

هي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عقيدهء شفاعت آهي، هاڻي ٿورو (سنڊن) عمل ڏسو! پاڻ سڄي زندگي باجماعت نماز جو (خاص) اهتمام فرمايو. ۞ نمازِ باجماعت ملي وڃي، ان لاءِ پاڻ پيسا به خرچ ڪري ڇڏيندا هئا، مال ۽ دولت جو نقصان برداشت فرمائيندا هئا پر نمازِ باجماعت نه ڇڏيندا هئا. ۞ هڪ پيرو پاڻ بيمار هئا، هلي نه پئي سگهيا، اهڙي حالت ۾ (شريعت جي طرفان) جماعت معاف هوندي آهي پر اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو جذبو ڏسو! ان حالت ۾ به پاڻ سيئي نمازون باجماعت ئي ادا فرمائيندا هئا. پاڻ ڪرسيءَ تي ويهندا هئا ۽ چار ماڻهو ڪرسيءَ مبارڪ کي کڻي کين مسجد ۾ وٺي ايندا هئا ۽ پاڻ باجماعت نماز ادا ڪندا هئا. (2)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عظيم الشان تقويٰ

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زندگي مبارڪ جو آخري رمضان ڪريم 1339 هجريءَ ۾ هو. اهي سخت گرميءَ جا ڏينهن هئا،

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:134۔

2...فتاوٰی رضویہ، جلد:9، صفحہ:547۔

ٻيو ته عمر مبارڪ جا آخري ڏينهن...!! پاڻ بيمار ٻه هئا. اهڙي صورتحال ۾ شريعت جي طرفان رخصت جي صورت نڪري سگهي ٿي، پر اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو پنهنجي باري ۾ ڪهڙو فتويٰ هو، ٻڌو! پاڻ فرمايائون: بريلي شريف ۾ سخت گرميءَ جي ڪري منهنجي لاءِ روزو رکڻ ممڪن ناهي، پر جبلن تي ٺڪار هوندي آهي، هتان کان "نيني تال" ويجهو آهي، "پوالي" جبل تي روزو رکي سگهجي ٿو، مان اتي وڃڻ جي طاقت (قدرت) رکان ٿو، ان ڪري منهنجي لاءِ اتي وڃي روزو رکڻ فرض آهي. سو پاڻ اهو رمضان ڪريم اتي ئي جبل تي گذاريو ۽ پورا روزا رکيا. (1)

خوب احکامِ شریعت کا وہ فرماتے خیال
اتباعِ دیں میں اُن کی ذات تھی روشن مثال
شرعی احکامات کے پابند تھے احمد رضا
اِس لئے تو اتنی دل آویز تھی اِک اِک ادا

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا شان آهي...!! پيارا اسلامي پائرو! هي سبق آهي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شفاعت تي ڪيڏو يقين آهي...؟ پاڻ فرمائن ٿا:

حِرزِ جاں ذِکرِ شفاعت کیجئے! | نار سے بچنے کی صُورت کیجئے! (2)

وضاحت: يعني اي عاشقانِ رسول! ڏينهن رات، صبح ۽ شام شفاعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪندا رهو! ڇو؟ ان ڪري جو جيڪو شفاعت کي مڃي ٿو، ان کي شفاعت نصيب ٿيندي آهي، تنهنڪري

1... امام احمد رضا اور تصوف، صفحہ: 64۔

2...حدائقِ بخشش، صفحہ:194۔

شفاعت جو ذڪر جهنم کان آزاديءَ جو ذريعو بڻجي ويندو.

هڪ هنڌ فرمائن ٿا:

گنہ گاروں کو ہاتف سے نویدِ خُوش مآلی ہے

مُبارَک ہو شفاعت کے لئے احمد ساوالی ہے(1)

وضاحت: يعني غيب مان گنهگارن کي سڻي انجام جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي، اهو اعلان ڪيو ويو آهي ته اي گنهگارو! مبارڪ هجي...!! محمدِ مصطفيٰ، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي شفاعت فرمائيندا.

هي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو شفاعت بابت عقيدو آهي، پر (سنڌن) عملِ مبارڪ ته ڏسو! سڄي زندگي فرائض ته پنهنجي جاءِ تي، واجبات ته پنهنجي جاءِ تي، پاڻ سنتن ۽ مستحبات تي به استقامت سان عمل ڪندي نظر اچن ٿا. ان مان اها خبر پوي ٿي ته ٻئي ڳالهيون ضروري آهن؛ شفاعت جو عقيدو به پڪو رکڻو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ عمل به لازمي ڪرڻو آهي.

عمل ڪم اچڻو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شفاعت به حق آهي، الله پاڪ جي رحمت به حق آهي، ان جي باوجود نيڪ عمل تمام ضروري آهن، ڇو ته قيامت جي امتحان جو اصل بنياد عملن تي ئي رکيو ويو آهي. قيامت جي ڏينهن اسان کان اسان جي عملن بابت پڇيو ويندو، عمل توريا ويندا، عمل ناما کوليا ويندا، الله ڪريم جي بارگاهه ۾ حاضري ٿيندي ۽ ضرور ٿيندي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

1... حدائقِ بخشش، صفحہ:183۔

فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِیْنُهٗۙ(۶) فَهُوَ فِیْ عِیْشَةٍ رَّاضِیَةٍؕ(۷) وَ اَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِیْنُهٗۙ(۸) فَاُمُّهٗ هَاوِیَةٌؕ(۹) وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِیَهْؕ(۱۰) نَارٌ حَامِیَةٌۢ(۱۱)

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ بهرحال جنهن جا پُڙ ڳرا هوندا، اهو ته پسنديده زندگي ۾ هوندو، ۽ بهرحال جنهن جا پُڙ هلڪا هوندا. پوءِ ان جو ٺڪاڻو هاويه ٿيندو، ۽ توهان کي ڪهڙي خبر ته اها ڇا آهي؟ هڪ شعلو هٺندڙ باهه آهي.

(پاره: 30، القارعة: 6-11)

معلوم ٿيو: جنهن جون نيڪيون وڌيڪ هونديون، ميزانِ عمل تي جنهن جي نيڪين جو پلڙو ڳرو هوندو، ان کي جنت عطا ڪئي ويندي ۽ هو پسنديده زندگيءَ ۾ هوندو. پر جيڪو دنيا ۾ باطل جو پوئلڳ رهيو هوندو، جيڪو گنهگار رهيو هوندو، جنهن جا گناهه وڌيڪ هوندا ۽ نيڪيون گهٽ، جيڪڏهن الله پاڪ جي رحمت نه ٿي ته اهڙو شخص قيامت جي ڏينهن جهنم جو ٻارڻ ٻڌبو.

خدائے قہار ہے غضب پر، کُھلے ہیں بدکاریوں کے دفتر
بچالو آکر شفیعِ محشر، تمہارا بندہ عذاب میں ہے (1)

وضاحت: اي الله جا رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت جو ڏينهن آهي، اڄ الله پاڪ جي انتهائي غضب جو اظهار آهي، مون گنهگار جو عمل نامو ڪوليو ويو آهي، اي شفاعت فرمائيندڙ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اچي بچائي ونو! توهان جو غلام عذاب ۾ گرفتار ٿيڻ وارو ئي آهي.

قيامت جا هيبتناڪ منظر

الله! الله! اهو قيامت جو هيبتناڪ ڏينهن... ان ڏينهن زمين ٽامي

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:181۔

جي هوندي ۞ سج هڪ ميل جي فاصلي تي هوندو، الله! الله! ۞ اڄ سج ڪروڙين ميلن جي فاصلي تي آهي ۽ اسان جي طرف ان جي پٺي آهي، تنهن هوندي بہ جڏهن مٿي جي سامهون اچي وڃي ٿو تہ گهر کان ٻاهر نڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو، ان ڏينهن سج هڪ ميل جي فاصلي تي هوندو ۽ ان جو منهن اسان جي طرف هوندو۞ اڄ مٿيءَ جي زمين آهي پر اونهاري ۾ زمين تي پير نٿو رکي سگهجي، ان ڏينهن زمين تامي جي هوندي، سج ايترو ويجهو هوندو تہ ان وقت تپش ۽ گرميءَ جو حال ڪير بيان ڪري سگهي ٿو؟ هاءِ هاءِ! دماغ ٿهڪندا هوندا، ان ڪثرت سان پگهر نڪرندو جو ۞ 70 گز زمين ۾ جذب ٿي ويندو، پوءِ جيڪو پگهر زمين نہ پي سگهندي اهو مٿي چڙهندو ۞ ڪنهن جي پيڏين تائين هوندو ۞ ڪنهن جي گوڏن تائين ۞ ڪنهن جي چيلهه تائين ۞ ڪنهن جي سيني تائين ۞ ڪنهن جي ڳلي تائين ۽ ۞ غير مسلم جي تہ منهن تائين اچي ويندو، جنهن ۾ هو ٽٻيون کائيندو. پوءِ ان گرميءَ جي حالت ۾ اُڄ جي جيڪا ڪيفيت هوندي، الامان والحفيظ! زبان سڪي ڪنڊو ٿي ويندي، ڪجهه ماڻهن جون زبانون وات مان ٻاهر نڪري ايندیون، دل ٿهڪي نڙيءَ تائين اچي ويندا، هر ڪو پنهنجي گناهن موجب تڪليف ۾ مبتلا هوندو. هي حساب جو ڏينهن آهي، هي عدل ۽ انصاف جو ڏينهن آهي، ان ڏينهن هر طرف "نفسي نفسي" جو عالم هوندو، ڪو بہ ڪنهن جو حال پڇڻ وارو نہ هوندو. قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿۳۴﴾ وَ اُمِّهٖ وَ اَبِيْهِ ﴿۳۵﴾ وَ صَاحِبَتِهٖ وَ بَنِيْهِ ﴿۳۶﴾ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿۳۷﴾

ترجمو ڪنز العرفان: ان ڏينهن انسان پنهنجي ڀاءُ کان ڀڄندو، ۽

پنهنجي ماءُ ۽ پنهنجي پيءُ، ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجي پٽن کان، انهن مان هر شخص کي ان ڏينهن هڪ اهڙو فڪر هوندو جيڪو ان کي(بين کان) بي پرواهه ڪري ڇڏيندو.

(پاره:30، عبس:34-37)

نہ بیلی ہو، سکے بھائی، نہ بیٹا، باپ تے مائی
تُو کیوں پھرتا ہے سودائی، عمل نے کام آنا ہے

مون کي ڪهڙي شيءِ پوئتي ڪري ڇڏيو؟

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائي ٿو: قيامت جي ڏينهن جڏهن جهنم جي مٿان پل صراط رکيو ويندو، ماڻهو ان تان گذرندا، هر هڪ جي رفتار پنهنجي عملن مطابق هوندي ۞ ڪجهه ماڻهو بجليءَ جي رفتار سان گذري ويندا۞ ڪجهه هوا جي رفتار سان گذرندا ۞ ڪجهه پکين جي رفتار سان گذرندا ۞ ڪجهه جانور جي رفتار سان هلندي گذري ويندا ۞ ڪجهه ڊوڙندي وڃي رهيا هوندا ۞ ايستائين جو هڪ شخص پيٽ پر رڙهندو ويندو، (پنهنجي ان حالت تي پريشان ٿي) چوندو: اي منهنجا رب! تو مون کي ايترو پوئتي ڇو ڪري ڇڏيو؟ الله پاڪ کيس فرمائيندو: مان توکي پوئتي ناهي ڪيو، پر تنهنجي عملن توکي پوئتي ڪري ڇڏيو آهي.[1]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ: قيامت جي ڏينهن عملن جي وڏي اهميت هوندي، جيڪو ڪاميابي ماڻيندو، نيڪين جي ذريعي ماڻيندو ۽ جيڪو پوئتي رهجي ويندو، اهو گناهن جي ڪري پوئتي رهجي ويندو.

1 باب كيف الجواز على الصراط و صفته...الخ، صفحه:299 بتغير قليل۔

3 دوست

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ميت سان گڏ 3 شيون ويندیون آهن، 2 واپس موٽي ايندیون آهن ۽ هڪ ان سان گڏ ئي رهجي ويندي آهي. (1): سندس گهر ياتي (اهل و عيال) (2): سندس مال ۽ (3): سندس عمل گڏ ويندا آهن، پوءِ مال ۽ گهر ياتي ته موٽي ايندا آهن پر سندس عمل ان سان گڏ رهجي ويندو آهي.[1]

هائے غافل وہ کیا جگہ ہے جہاں
پانچ جاتے ہیں چار پھرتے ہیں

و ضاحت: غور ته ڪر اها ڪهڙي عبرت جي جاءِ آهي، جتي 5 وجن ٿا؛ هڪ ميت ۽ 4 ڪيس ڪٽڻ وارا، پر اتان واپس صرف 4 ئي موٽن ٿا، ميت کي قبر ۾ لاهيو ويندو آهي.

هڪ روايت ۾ آهي: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان جو، توهان جي گهر ياتين، مال ۽ عملن جو مثال ان شخص وانگر آهي، جنهن جا 3 محبوب دوست هجن. جڏهن سندس موت جو وقت ويجهو اچي ته هو پنهنجي ٽنهي دوستن کي گهرائي ۽ هڪ کي چوي: ”تون منهنجي حالت ڏسي رهيو آهين، اهو ٻڌاءِ ته تون منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهين ٿو؟“ هو جواب ڏي: ”مان تنهنجي لاءِ ايترو ڪري سگهان ٿو ته هن وقت تنهنجي تيمارداري (خدمت چاڪري) ڪيان، توسان گڏ رهي تنهنجون ضرورتون پوريون ڪيان، پوءِ جڏهن تنهنجو انتقال ٿي وجي ته توکي غسل ڏئي ڪفن پهرايان ۽ ماٹهن سان گڏجي تنهنجو جنازو کڻان ته ڪڏهن مان ڪلهو

1...بخاری، کتاب الرقاق، باب سکرات الموت، صفحہ:1599، حدیث:6514۔

ڏيان ۽ ڪڏهن ٻيو شخص، جڏهن (توکي دفن ڪري) واپس اچان ته جيڪو به تنهنجي باري ۾ پڇي ان جي اڳيان تنهنجي ٻلائي ئي بيان ڪيان.“ هي دوست ان شخص جا اهل و عيال (گهر ڀاتي) آهن. پوءِ هو پنهنجي ٻئي دوست کي چوي: ”تون به منهنجي حالت ڏسي رهيو آهين، تون منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهين ٿو؟“ ته هو جواب ۾ چوي: ”مان ان وقت تائين تنهنجو ساٿ ڏيندس جيستائين تون زنده آهين، جيئن ئي تون انتقال ڪري ويندين ته اسان جا رستا ڌار ڌار ٿي ويندا ۽ تو ته تون قبر ۾ پهچي ويندين ۽ مان هتي دنيا ۾ ئي رهجي ويندس.“ هي دوست ان شخص جو مال آهي. پوءِ اهو شخص پنهنجي ٽئين دوست کي چوي: ”يقيناً تون به منهنجي حالت ڏسي رهيو آهين ۽ تو منهنجي اهل و عيال ۽ مال جو جواب به ٻڌي ورتو آهي، ٻڌاءِ! تون منهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهين ٿو؟“ هو کيس تسلي ڏيندي چوي: ”منهنجا دوست! مان ته قبر ۾ به توسان گڏ هوندس ۽ توکي وحشت کان بچائيندس ۽ جڏهن حساب جو ڏينهن ايندو ته مان تنهنجي تارازي ۾ وجي ويهندس ۽ ان کي وزني ڪري ڇڏيندس.“ هي دوست ان جو عمل آهي.

صحابه ڪرام عليهم الرضوان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هي ته تمام سٺو دوست آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اها ئي حقيقت آهي. (1)

عمل لاءِ سندرو ٻڌي ڇڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن روايتن مان خبر پوي ٿي ته جيتوڻيڪ شفاعت به حق آهي، الله پاڪ جي رحمت به حق آهي، اهو ربِّ رحمان پنهنجي ٻانهن تي ضرور رحمت فرمائيندو، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...كنز العمال، كتاب الموت، جز:15، جلد:8، صفحه:318، حديث:42974 ملتقطًا۔

پنهنجي غلامن جي شفاعت ۽ فرمائيندو، پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ اسان نيڪ عملن کي ڇڏي ڏيون، هٿ تي هٿ رکي ويهي رهون، رحمت ۽ شفاعت جو آسرو ڪري گناهن تي دلير ٿي وجون، نہ...!! نہ، نيڪ عملن جي تمام گهٽي ضرورت آهي، ڇو تہ قيامت جي امتحان جو اصل بنياد عملن تي ئي رکيو ويو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ نيڪ عملن ڏانهن توجهہ ڪريون، هر نندي کان نندي ۽ وڏي کان وڏي نيڪي بس ڪندا ئي رهون، ڪنهن بہ نيڪيءَ کي گهٽ نہ سمجهون. **حديثِ پاڪ ۾ آهي:** نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا تَحْقِرَنَّ مِنَ الْمَعْرُوْفِ شَيْئًا، وَلَوْ اَنْ تَلْقٰى اَخَاكَ بِوَجْهٍ طَلْقٍ يعني ڪنهن بہ نيڪيءَ کي حقير (گهٽ) نہ ڄاڻو...! توڻي جو پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ سان خوشدليءَ سان ملڻ جي نيڪي ئي ڇو نہ هجي. (1)

الله پاڪ اسان کي شفاعت جي عقيدي تي پڪو ايمان رکڻ، الله پاڪ جي رحمت مان پرپور اميد رکڻ ۽ ان سان گڏوگڏ نيڪ ڪم ڪندي رهڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بهار شريعت موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. ان سلسلي ۾ الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي(IT) ڊپارٽمينٽ جي طرفان هڪ تمام پياري، نرالي ۽ گهٽي فائدي واري

1...مسلم، كتاب البر و الصلة والآداب، باب استحباب طلاقة الوجه عند اللقاء، صفحه:1014، حديث:2626۔

موبائل ايپلي ڪيشن جنهن جو نالو بهارِ شريعت (Bahar e Shariyat) آهي، متعارف ڪرائي وئي آهي. ۞ صدرالشريعہ مولانا امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مشهورِ زمانہ تصنيف "بهارِ شريعت" جا ٽئي جلدَ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ۞ ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآني آيتون، حديثون، اصطلاحون ۽ لغت بہ هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن. ۞ ايپلي ڪيشن ۾ جديد ۽ مختلف انداز ۾ سرچ (Search) ڪرڻ جي سهولت موجود آهي. ۞ توهان هڪ لفظ يا 2، 3 مختلف لفظ لکي بہ ڳولها ڪري سگهو ٿا. ۞ سرچ کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ان ۾ اردو کي بورڈ (Keyboard) جي سهولت پڻ رکي وئي آهي تہ جيئن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڃاڻيءَ تي آڻيندي هڪ شرعي مسئلو پيش ڪريان ٿو:

درست چا آهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: غلطيءَ سان کاڏل قسم بہ قسم ئي آهي، جيڪڏهن ٽوڙيو تہ ڪفارو لازم ٿيندو.

وضاحت: معاشري ۾ عام طور تي هڪ غلطي عام آهي، اڪثر ماڻهو اهڙا سوال بہ پڇندا آهن. جن کي ڳالهہ ڳالهہ تي قسم کڻڻ جي عادت هوندي آهي، اهي ڪڏهن ڪڏهن نہ چاهيندي بہ قسم کڻي وڌندا آهن، پوءِ کين پريشاني ٿيندي آهي. مسئلو ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! ايندڙ وقت جي ڪنهن ڳالهہ بابت جيڪو قسم کنيو ويندو آهي، ان کي "مُنْعَقِدَہ" چئبو آهي. اهڙو قسم غلطيءَ سان کنيو ويو هجي يا

جاڻي واڻي، ٻنهي صورتن ۾ ان کي پورو ڪرڻ لازم آهي، جيڪڏهن ٽوڙيو ويو تہ ڪفارو لازم ٿيندو. مثال طور: ڪو شخص چوڻ چاهي پيو تہ "مان پاڻي پيئندس" پر زبان مان نڪري ويو "خدا جو قسم! مان پاڻي نہ پيئندس" تہ هي قسم ٽي ويو، هاڻي جيڪڏهن (پاڻي پي) قسم ٽوڙيائين تہ ڪفارو لازم ٿيندو. (1)

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا مَانِعُ، يَا مُعْطِيُ (اي روڪيندڙ، اي عطا فرمائيندڙ)

مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جيڪڏهن ناراضگي ٿي وڃي تہ جيڪڏهن زال ناراض هجي تہ مڙس، ۽ جيڪڏهن مڙس ناراض هجي تہ زال، سمهڻ کان اڳ بستر تي ويهي 20 ڀيرا "يَا مَانِعُ، يَا مُعْطِيُ" پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! صلح ٿي ويندي. (2) الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...بهارِ شريعت، جلد:2، جز:9، صفحه:299و 300 ملتقطًا۔

2...مدني پنج سوره، صفحه:258۔